# جيئڻ جي تمنا

سچ ته منهنجي جيوت جو جهاز ڪڏهن ڪو تٽي چڪو هو. پر وچ سير ۾ لڙهندڙ انسان کي ڪوئي تختو هٿ چڙهي وڃي ته جيئڻ جي تمنا منجهس ڪيئن نه پرپور زور لڳائي جاڳي اٿندي؟ ليڪن ان مهل جاڻ جو پريس ته سامهون مانگر مڇ تاڙيو ويٺو آهي انهيءَ تختي کي ته کهڙي حالت ٿيندي انهيءَ تختي سان لپٽيل انسان جي! ٺيڪ اها حالت آهي اڄ منهنجي ڪنهن وقت لئين پيو لڳيم ته هنن پيرن ۾ وڏيڪ ٿاڦوڙا هڻڻ جي سگهه ئي ڪانه رهي اٿم.

مگر هن پنجٽيهه ورهين جي سندر جوان اپريل اسريل سرير اندر جا جيئڻ جي تمنا ڪوٺان ڪوٺ پري پيئي آهي ان کي ڇا ڪريان!

مگر جيوت جي هن آخرين گهڙيءَ ۾ ٻه ماضيءَ جا ورق لئين پيا اکين اڳيان دهرائجن جڻ انهن جي مون سان ڏاڍي گهري دوستي آهي.

جيوت جو جهاز تٽڻ کان اڳ ٻه هو ئي منهنجا ساٿي هئا تٽڻ جي ويچار تي کل پيئي اچي. جهاز سڄو هوئي ڪٿي؟ جنهن غريبيءَ ۾ جنم ورتم سا ته پراڻي تن لڳل ٻيڙي هئي، جهاز ڪٿي هو! هن ٻيڙي ۾ اُما هر سال هڪ جيو جي واڌ ڪندي ٿي ويئي. ٻيڙي تٽي تنهن کان اڳ اما جي همٿ تٽي پيئي.

ٻلبو ڪم ٿان ڳهي جو اڇي گهر جي ننڍڙي ڪمري اندر اسان ڏزن ٻاتين جي ٻاندر سينا جي وچم پوندو هو ۽ ”خميس ڪانهي، اڄ ڪتاب ڪونهي“ جي رڙو رڙٻڌندو هو تڀر ٿي پوندو هوبس پوءِ اُما سان سندس چڪري شروع ٿي ويندي هئي. ڪانو کي لڙڻ مزو! اسين‌ٻار ماءُ پيءُ کي وڙهندو ڏسي پاڻ ۾ خوب نونشا نونشي شروع ڪري ڇڏيندا هئاسين لکن پراڻي‌ٻيڙي کي جئن جئن لهرڪو ايندو هو تئن تئن اسين پاڻ کي مضبوطيءَ سان جهلڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. وڙهڻ ۾ وڏيڪ هوشيار ٿيندا هئاسين.

هڪ ڏينهن‌ٻيڙي مان‌ٻار گهٽائڻ جي قطب نما جي سئي منهنجي ننڍي ۾ ننڍي پاءُ طرف ڦري ويئي. ڪنهن شاهوڪار ٻي اولاد عورت کيس هڪ سوني زنجير ۽ چئن سون رپين ۾ خريد ڪرڻ چاهيو. آڌي رات جو اُما جو رودن منهنجي ڪن تي پيو. مان اکيون‌ٻوٽي ڪن ڪڙا ڪري هن‌ئين طوفان جي گذري وڃڻ جي راهه تڪڻ لڳيس.

اُما سڏڪا پري چئي رهي هئي: مان پٽ جهڙي شيءَ ڪيئن ڪدي ڏينديس. چوان ٿي پٽ ڏاڍي وڏي وُٿ اٿيئي نه ته دنيا چو پٽ پٽ ڪري مري ها.

پالي پولي اُما اهو ڪيئي سمجهي ته هن غريب شاهوڪار سرشتي جا نيم هر انسا ن سان سا ڳيءَ طرح لاڳو نه ٿيندا آهن. غريب وٽ جوئر جي ماني مني لڳندي آهي. شاهوڪار وٽ ان جو ميناج ليکي ۾ نه هوندو آهي‌ٻلبي ته ان سچ کي خوب ڄاتو ٿي تڏهن‌ٻه چيلئين‌ٻس ڪر ڳهيلي، آڌي رات جو نند ڪٽي ڦٽايي اٿيئي. پٽ پٽ پٽ . پٽ ته ڪتيون‌ٻليون ٻه پيئون چٽين.

ليڪن هيءَ نادان دل جا غريب چاهي

شاهوڪارجي ڇاتي ۾ هڪئي جذبي وهيٽي هوندي آهي، ان جي پاو سان ڪير پڄي.

اُما اُٿي پٽ کي گود ۾ ڪٽي اوچنگارون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون. منهنجي وڏي پيڻ ۽ وڏو پاءُ ٻه اُٿي ويٺا. ڪيڏيءَ وڏي دل سان هنن لڙاڪو سپاهي‌ٻڌجي اما جي ممتا کي‌ٻچاءَ ڏيڻ جو آٿت ڏنو.

ان لاءِ سبب اجا تئين‌ٻه مان نه ڳولي سگهي آهيان‌ٻنهي چيس‌ٻس ڪر اُما! صبح جو اچي ته سهين اها ريشمي پڙي واري ڏندر، ته ڪيئن ٿا درٻاهرانئي نوملڪدمشن جوٻورڊ ڏيڪاريونس.